"Balkan Ji Bari" celebrated its Silver Jubilee in 1950 and Golden Jubilee in 1976, and Diamond Jubilee in 1986. It looks forward to reach its Centenary in 2026. It is now housed in its own building on the Juhu Road in Santacruz (West). Pandit Jawaharlal Nehru first Prime Minister of India had attended the Silver Jubilee celebration of "Balkan Ji Bari" organization in 1950. On sighting Jawaharlal Nehru children spontaneously wished him with "Chacha Nehru Zindabad" and pinned to his achkan the "Balkan Ji Bari" Rose flower Badge. Dada Shewak Bhojraj explained to him the significance of Rose Flower, which has beauty as well fragrance, since then Jawaharlal Nehru always pinned Rose Flower in the Button hole of his achkan, and he became Chacha Nehru of all the children who celebrate 14th November his birthday as Children's day in India.

Shewak Bhojraj spent last years of his life serving Adivasis in a remote area of Maharashtra known as Bapu Gaon.

He passed away on 1st March 1988 at Mumbai. Dada Shewak shall always be remembered as pioneer of child welfare movement in India. In Nehru's words " From what I have known of "Balkan Ji Bari", I have found that it has done excellent work among children in encouraging them, to develop on right lines and become Self-reliant".

پاويش ڀراڻيءَ جي ڪورئوگرافيءَ هيٺ ٿي هڪ مذاقي لاڏي 'اَهڙو جو مڙس .....' تي نرت پيش ڪندڙ ڪلاڪار هئا موهت ٽلوڪاڻي ۽ وينا ميگهاڻي.

آخر ۾ گوورڌن پارتيءَ جو لکيل نهايت ڪلائيندڙ ناٽڪ 'ولايت جو سير' پيش ڪندڙ هيون سمرن ٽلواڻي، پرانجل واڌواڻي، هني ڪلواڻي، پونم لعلواڻي ۽ ڪاجل ٽلواڻي. ناٽڪ جو هدايتڪار هو صاحب ٻجاڻي. سڀني ڪلاڪارن کي شري جينتي نڪر طرفان سوکڙيون ڏئي سندن سنمان ڪيو ويو. اِن موقعي تي آڪاشواڻي ڀڄ جي سنڌي وڀاڳ جو انچارج شري ڪمل نهالاڻي بہ اَچي شريڪ ٿيو هو. هن آڪاشواڻي ڀڄ طرفان ناٽڪ ۾ تسليم ٿيل اداڪارن ۽ ٻال اداڪارن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا. ياد رهي تہ م. م. ڊرائمٽڪ ڪلب جي سرجوشيءَ سبب آڪاشواڻي ڀڄ طرفان ڪلب جا ناٽڪ ۾ ٨ اداڪارۡ ١٢ ٻال اداڪار تسليم ٿيل آهن.

## سنڌالاجيءَ ۾ ٻارن لاءِ رانديون :

اَپريل ٢٠١٤ کان سنڌي ٻارن ۾ جدا جدا رانديون ۾ چاه جاڳائڻ لاءِ هر آرتوار تي شام جو ۴ بجي کان ٦ بجي تائين ٻارن کي رانديون ڪرايون وينديون آهن. راندين جو انچارج شري للت واڌواڻي خاص شخصي چاهہ وٺي پاڻ هر آرتوار تي ٻارن کي نيون نيون رانديون سيکاريندو آهي. اٽڪل ٣٠-٢٥ ٻار پورا بہ ڪلاڪ اَچي اُتساهہ ۽ اُمنگ سان رانديون کيڏيندا آهن.

## سنڌالاجيءَ جا اَدبي ڪلاس :

سنڌالاجيءَ جي سينٽرل هال ۾ مهيني جي ٻئين چنڇر تي شام جو ٦ بجي پشپا پمياڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ هڪ ادبي گڏجاڻي رکي ويندي آهي جنهن ۾ شهر جا ويهارو ليکڪ ۽ ساهت پريمي شريڪ ٿي، پنهنجون رچنائون پڙهندا آهن ۽ انُهن تي صحتمند ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪئي ويندي آهي.

١٠ جنوري ٢٠١۴ تي سنڌيءَ جي برک شاعر نارايڻ شيام جي پڻيہ تٿيءَ تي ڪيس شرڌانجلي پيش ڪندي ڪلا پرڪاش هن جي جيون ۽ رچنائن تي روشني وڌي. فبروري واري ادبي ڪلاس ۾ منجو ميرواڻي، مرلي گووندداڻي، ريٽا واسواڻي پنهنجون ڪوتائون پيش ڪيون. سنگيتا ڪلواڻي، پشپا پمياڻي ۽ لکمي ڪلاڻيءَ پنهنجون ڪهاڻيون پيش ڪيون.

مارچ جي ٨ تاريخ انترراشٽريہ مهلادِوس جي موقعي تي منجو ميرواڻي، سيما پمياڻي ۽ پشپا پمياڻيءَ پنهنجون ڪوتائون 'عورت' جي موضوع تي پيش ڪيون. هيري تيرٿاڻي پنهنجي زندگيءَ کي نپڻ ناهڻ ۾ جن ٽن استري ڪردارن جو يوگدان رهيو، سندس ڏاڏي، ماءُ ۽ ننهن، انُهن جو وستار ۾ ذڪر ڪيو.

اَپريل واري ادبي ڪلاس ۾ ريٽو ڀاٽيا ۽ ٻين بہ پنهنجا شعرۡ ڪهاڻيون پڙهيون. هيري تيرٿاڻيءَ ڪن وديشي ليکڪن جي رچنا پرڪريا بابت ڄاڻ ڏني.

جون واري ادبي ڪلاس ۾ ريٽا واسواڻي پنهنجي ڇپايل هندي ڪتاب 'ڪڇ ضلعي کي مندرون کي وستو ڪلا' جو موچن لکمي ڪلاڻي، پريتم ورياڻي ۽ هري ميڙاڻيءَ کان ڪرايو. هن شوڌ ڪاريہ لاءِ کيس U.G.C جي گرانٽ ملي هئي.

## Declaration Regarding Ownership & Other Details for 'Sindhology' Bulletin FORM IV (Rule 8)

| | | |
|---|---|---|
| 1. Place of Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir,<br>Adipur - 370205 |
| 2. Periodicity of Publication | : | Quarterly |
| 3. Name of Printer | : | Shri Lakhmi Khilani, Director, |
| & Publisher | : | Indian Institute of Sindhology |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 4. Name of Editor | : | Shri Lakhmi Khilani |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 5. Owner of the Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Adipur - (Kutch) 370205 |

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to the best of my knowledge and belief.

Dated : 01-03-2014

Sd/- **Lakhmi Khilani**
PUBLISHER

## سنڌالاجيءَ جو مهلا وڀاڳ 'سرتيون' :

مهيني جي پهرئين منگل تي سنڌالاجيءَ جي سينٽرل هال ۾ شام جو ڇهين بجي سيما گرناڻيءَ جي نگرانيءَ هيٺ 'سرتيون' جي ماهوار گڏجاڻي ٿيندي آهي جنهن ۾ آديپور جون ١۵-٢٠ سرتيون پاڻ ۾ گڏجي روح رهاڻ ڪنديون آهن. ڪنهن نہ ڪنهن سماجي، ساهتڪ يا سياسي وشيہ تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪنديون آهن. انهن مان ڪي پنهنجون لکيل ڪوتائون پڙهي ٻڌائينديون آهن. سريلي گلي واريون راڳ ڳائي، محفل مچائينديون آهن، آڪاشواڻي ڀڄ طرفان آچ ٿيل ريڊيو پروگرام جي ريهرسل ڪنديون آهن. ڪن گهرجائو سفيد پوش ڪٽنبن جي ٻارن لاءِ اسڪول جي في، ڪتاب وغيره لاءِ مدد جو هٿ ڏگهيڙڻ لاءِ پنهنجي ئي ٻٽونءَ مان چندو چيرو ڪنو ڪنديون آهن. ائين آديپور جي گهر ڌياڻين لاءِ 'سرتيون' جي هيءَ ماهوار گڏجاڻي، وندر سکيا ۽ سيوا جي ڏس ۾ هڪ نهايت ئي ڪارائتو ٿلهو (پليٽفارم) بڻجي ويو آهي.

اڪادميءَ جو ڊئريڪٽر پد گرهڻ ڪيو. پورا ٻارهن سال هن اداري کي موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش پنهنجون سيوائون ڏنيون.
ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ لکمي کلاڻيءَ سنڌي ادب جي هن وڏي معتبريءَ واري جوڙي جي سنڌالاجيءَ کي ڏنل شيوائن لاءِ دل کولي ساراهه ڪئي.
موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش ٻه پنل اکين سان پنهنجي ساٿين ۽ اسٽاف جا ٿورا مڃيا جن ۾ ڏنل سات سهڪار سان سنڌالاجي ۽ مليرم ۾ گذاريل هي ٻارهن سال سندن زندگيءَ جو هڪ اهم باب ٿي رهندا.
ڪلا، موتي پنهنجي ڌيءَ سنڌوءَ سان ٢٩ مارچ ٢٠١٤ تي آديپور، سنڌالاجي ۽ مليرکي خيرآباد ڪري بمبئيءَ روانا ٿيا.

## وليج ريزورٽ ۾ سنڌالاجي اِسٽال :

آديپور گانڌيڌام جي جوانن جي برپا ڪيل نئين سنسٿا We Sindhis طرفان ٣٠ مارچ ٢٠١٤ تي وليج ريزورٽ ۾ چيٽي چنڊ نهايت وڏي پيماني تي پيڪيدار نموني ملهايو ويو. سندن سڏ تي وڏي کليل ميدان ۾ سنگيت پروگرام سان گڏ چهر ٻهر جي اسٽالن وچ ۾ سنڌاللجيءَ جو شاهي اسٽال ٻه هو. اسٽال ۾ وڪري لاءِ سنڌي ڪتاب، نقشا، سي. ڊيز هيون. نماءُ ۾ سنڌي مهان شخصيتن کانسواءِ سنڌ جي اِتهاس، جاگرافي ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ پسائيندڙ ڪافي رنگين چتر هئا. اِسٽال تي پروجيڪٽر سان پردي تي سنڌي فلمون، ناٽڪ توڙي سنڌاللجيءَ متعلق ڄاڻ ڏيندڙ فلمون ٻه ڏيکاريون پئي ويون. نئين توڙي پراڻي ٽهيءَ جي سنڌين اِسٽال ۾ حاضري ڀري، خريداري ڪري سنڌيت طرف چاهه ڏيکاريو.

## چيٽي چنڊ-سنڌيت ڏينهن :

٥ ۽ ٦ اپريل ٢٠١٤، ڇنڇر ۽ آرتوار ٻه ڏينهن سنڌاللجيءَ ۾ چيٽي چنڊ جو مهاپرب 'سنڌيت ڏينهن' نهايت سنجيدي نموني ملهايو ويو.
پهرئين ڏينهن ڇنڇر شام جو ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ مدن جماڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ جهوليلعل سائينءَ جي جيونيءَ تي تيار ٿيل سنڌي فلم 'جهوليلعل امر ڪٿا' ڏيکاري وئي.
ٻئين ڏينهن آرتوار ٦ اپريل تي سنڌالاجي اڱڻ ۾ شام جو سنگيت ڪنور جي مکاني ڪلاڪارن راجيش ٻاوناڻي، گهنشيامداس ٻجاج، روشن گوپلاڻي، مکيش تلوڪاڻي، ڪاجل چاٻا، سپنا رائسنگهاڻي ۽ تلسي منگتاڻيءَ سنڌي سنگيت جي ڀن ڀن اِسمن گيتن، لوڪ گيتن، ڪلامن، ڪافين، دوگانن ۽ لعل سائينءَ جي پنجڙن وغيره جي واه جا موج مچائي. ڏيڍ ڪلاڪ جي سنجيدي پروگرام جي آخر ۾ درشڪ زالون، مرد ۽ ٻار وغيره پاڻ روڪي نه سگهيا. سُرءَ تال تي نچندا رهيا. سُرسان 'آيو لعل، جهوليلعل' جا نعرا هڻندا رهيا. شري پريتم ورياڻيءَ جي هٿان سيني ڪلاڪارن کي سوکڙيون ڏئي سندن سنمان ڪيو ويو. آخر ۾ سيني گڏجي پوڄن ورتايو.

## 'حويليءَ جو مٽڪو' ۽ 'ڪاري ڪنوار' :

٢٧ اَپريل ٢٠١٤ م.م. ڊرئمٽڪ ڪلب جي ماهوار گڏجاڻيءَ ۾ مهيش کلواڻيءَ پنهنجو لکيل ناٽڪ 'حويليءَ جو مٽڪو' پڙهي ٻڌايو. ٻڌندڙن جي سوالن ۽ سجهاون جا جواب ڏنائين. آخر ۾ داس طالب جو مذاقي ناٽڪ 'ڪاري ڪنوار' صاحب ٻجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ريڊيائي انداز ۾ پڙهيو ويو. ڪلاڪار هئا چمپا چيتناڻي، مهيش کلواڻي، مکيش تلوڪاڻي، پونم لعلچنداڻي ۽ ڪومل ديالاڻي.

## ٢ ناٽڪ 'فيصلو' ۽ 'ساه تي کهڙو پروسو' :

١١ ميءِ ٢٠١٤ آرتوار ڏينهن شام جو ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٻه ناٽڪ پيش ڪيا ويا.
پهريون سنجيدو ناٽڪ فيصلو شري لکمي کلاڻيءَ جو لکيل سندس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڏيکاريو ويو. اداڪار هئا ڪومل ديالاڻي، هيمنت ٻاوناڻي، سمرن ٽلواڻي، مهيش کلواڻي ۽ چمپا چيتناڻي.
ٻيون مذاقي ناٽڪ هو سندر اگناڻيءَ جو لکيل 'ساه تي کهڙو پروسو'. اداڪار هئا رجني ساولاڻي، مڌو ناٿاڻي، تُلسي ٿاواڻي، مکيش تلوڪاڻي، پونم لعلچنداڻي ۽ ڪومل ديالاڻي. ناٽڪ جو هدايتڪار هو صاحب ٻجاڻي.
شروعاتي تقرير ۾ صاحب ٻجاڻيءَ وستار سان ناٽڪ جي ڏس ۾ سنڌالاجيءَ جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪيل ڪاربه جو ذڪر ڪيو. سندس چوڻ موجب گذريل 71/2 سالن ۾ سنڌالاجيءَ طرفان ڪُل ٤٢ معياري ناٽڪ پيش ڪيا آهن. اداڪارن جي جوڳي سنمان بعد لکمي کلاڻيءَ سيني جي شڪر ادائي ڪئي.

## ٻال ناٽڪ ۽ نرت :

٣١ ميءِ ٢٠١٤ ڇنڇر ڏينهن شام جو ٧ ٻجي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ م.م. ڊرئمٽڪ ڪلب جي ٻال ميمبرن نرت ۽ ناٽڪن جو هڪ ننڍڙو پر دلچسپ پروگرام پيش ڪيو.
شروعات ۾ پونم لعلچنداڻيءَ جو لکيل ناٽڪ 'سونو ڇا تي چاهي؟' شري ٻاويش ڀراڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو. اداڪار هئا پرانجل واڌواڻي، ڪرشما تلوڪاڻي ۽ پاڻ ٻاويش ڀراڻي.

## وشو پستڪ ميلي ۾ سنڌالاجي :

دهليءَ ۾ ١٥ فبروريءَ کان ٢٣ فبروري ٢٠١٤ تائين وشو پستڪ ميلي ۾ هميشه جيان سنڌالاجيءَ طرفان اِسٽال کوليو ويو. اِسٽال ۾ سنڌي پستڪن، ڊڪشنرين، چارٽن، سنڌ جي نقشن، سنڌي شخصيتن جي تصويرن کانسواءِ سنڌي سنگيت، ناٽڪن ۽ فلمن جون سي. ڊيز بہ وڪري لاءِ موجود هيون. ٩ ئي ڏينهن دهليءَ جا توڙي ٻاهران آيل سنڌيت پريمي اِسٽال ۾ ايندا رهيا ۽ سنڌي ساهت، سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪيائون. ڪافي وڪرو بہ ٿيو. اِسٽال‌جا انچارج هئا مڪيش تلوڪاڻي ۽ روشن گوپلاڻي. ياد رهي تہ گذريل ويهن ورهين کان سنڌالاجي وشو پستڪ ميلي ۾ شرڪت ڪندي رهي آهي.

## سترامداس سائل جي جنم شتابدي :

برک بزرگ اديب، گرامر ۽ ٻولين جي ماهر ۽ ڪوشڪار شري سترامداس جڙياسنگهاڻي 'سائل' ١٤ فبروري ٢٠١٤ تي پنهنجي جيون جا ١٠٠ ورهيہ پورا ڪيا. ١٥ فبروريءَ تي سندس جنم شتابدي احمدآباد ۾ ملهائي وئي. اِن جلسي ۾ سنڌالاجيءَ مان شري لکمي کلاڻيءَ خاص وڃي اُتي کيس مبارڪون ڏنيون. تقرير ۾ سندس ساهتڪ کيتر ۾ يوگدان جو ورڻن ڪيو. شال پائي سندس سنمان ڪيائين.

## ممبئيءَ ۾ 'ٻہ ٻاهيون' :

١٩ فبروري ٢٠١٤ تي 'جيوتي ڪلا مندر' ممبئيءَ طرفان سنڌالاجيءَ جي ٻال ڪلاڪار هني کلواڻي ۽ مهيش کلواڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو. اِن موقعي تي سنڌالاجيءَ طرفان منگهارام ملڪاڻيءَ جو ايڪانڪي ناٽڪ 'ٻہ ٻاهيون' مهيش کلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو. اداڪار هئا هني کلواڻي، مهيش کلواڻي ۽ چمپا چيتناڻي.

## سنڌالاجيءَ جا نوجوان اديب احمدآباد ۾ :

١ ۽ ٢ مارچ ٢٠١٤ تي گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ طرفان احمدآباد ۾ نوَجوان ۽ اُسرندڙ سنڌي ساهتڪارن جو سيمينار 'رچنا ۽ ڪٿ' ٿي گذريو. سنڌالاجي آديپور مان اُتي مڪيش تلوڪاڻيءَ غزل، مهيش کلواڻي، منجو ميرواڻي ۽ چمپا چيتناڻيءَ ناٽڪ ۽ ڪومل ديالاڻي ۽ سنگيتا کلواڻيءَ ڪهاڻيون پڙهي حاضر ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين وٽان داد حاصل ڪيو.

## ڪڇ ۾ بهترين ڊراميباز چٽاڀيٽي :

٨ مارچ ٢٠١٤ تي آديپور - گانڌيڌام جي سِنڪرو ائڪيڊمي ۽ اِنر ڪلب طرفان راجوي ريزورٽ ۾ ڪڇ جي ٻال ڪلاڪارن ۾ 'بيسٽ ڊراميباز آف ڪڇ' چٽاڀيٽي ٿي گذري. سنڌالاجيءَ جي ٻال اداڪار پرانجل واڌواڻيءَ کي اِن چٽاڀيٽي لاءِ تيار ڪري موڪليو ويو. هن اُتي پونم لعلچنداڻيءَ جو لکيل ايڪ پاتري ناٽڪ 'ڪيا چاهتي هئہ سوُنو .....؟' نهايت فنائتي نموني پيش ڪري ٽيون نمبر حاصل ڪيو. کيس انعام ۽ ٽرافي حاصل ٿي. پرانجل واڌواڻي آڪاشواڻي ٻڇ طرفان تسليم ٿيل ٻال اداڪار آهي.

## موتي پرڪاش سان گڏجاڻي :

٢٢ مارچ ٢٠١٤ آرتوار شام جو برک اديب، تعليمدان، رنگ منچ جي اداڪار، هدايتڪار ڊاڪٽر موتي پرڪاش سان م. م. ڊرئمٽڪ ڪلب طرفان ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ گڏجاڻي رکي وئي. اِن موقعي تي جهجهي تعداد ۾ شهر جا ساهتڪار، تعليمدان، ناٽڪ پريمي اَچي سهڙيا. موتي پرڪاش نهايت وندرائيندڙ نوع ۾ پنهنجي ناٽڪي جيون جو وستار سان ورڻن ڪندي رنگ منچ جا کي دلچسپ واقعا ٻڌايا. ان کان پهرين صاحب بجاڻيءَ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي مختصر واقفيت ڏيندي سندس سنڌي رنگ منچ جي کيتر ۾ ڏنل اهم ڀرپور يوگدان جو ذڪر ڪيو. سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر شري لکمي کلاڻيءَ کيس ناريل ۽ مصري ڀيٽ ڪندي سندس سنمان ڪيو. آخر ۾ موتي پرڪاش درشڪن جي پڇيل سوالن جا واجبي جواب ڏنا. اِن موقعي تي مرڪزي ساهت اڪاڊميءَ طرفان موتي پرڪاش تي تيار ڪرايل ڊاڪيومينٽري فلم بہ ڏيکاري وئي.

## موتي ۽ ڪلا جي ودائي :

٢٦ مارچ ٢٠١٤ ٻڌر ڏينهن ١٢ بجي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش کي سنڌالاجي ۽ ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊميءَ پاران ودائي پارٽيءَ جو آيوجن ڪيو ويو.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش دبئيءَ جي اِنڊين اسڪول مان سن ٢٠٠٢ ۾ ريڪٽر پد تان رٽائر ڪرڻ بعد سنڌالاجي ۽ ساڌو هيرانند نولراءِ

## ودیارٿین اڳیان ٻہ ٻال ناٽڪ :

٢٥ جنوري ٢٠١٤ ڇنڇر ڏينهن ساڌو هيرانند نولراءِ اڪيڊمي ۾ جي وديارٿين کي صاحب ٻجاڻيءَ جا لکيل ٢ ٻال ناٽڪ 'ٻُرو نہ ڪريو ----' ۽ 'انڌيرنگري چرٻٽ راجا .....' ڏيکاريا ويا. هي سکيا دائڪ ناٽڪ ڏسي ٻار نهايت خوش ٿيا. ياد رهي هنن ٻن ناٽڪن جو هيءُ ٽيون شو هو.

## پيگونتي ناواڻي جنم ڏينهن :

١ فبروري ٢٠١٤ سنڌي سنگيت جي ڪويل پيگونتي ناواڻيءَ جو جنم ڏينهن هو. ٢ فبروري آرتوار شام جو ٠٠-٦ بجي دستوري ماهوار صوفياڻي چوِنڪيءَ ۾ سيني ڪلاڪارن پيگونتيءَ جا ڳاتل مشهور ڪلام، ڪافيون، گيت ۽ ڀڄن پيش ڪري سندس ياد تازي ڪرائي ڇڏي. ڪلاڪار هئا : راجيش ڀاوناڻي، گهنشيامداس ٻجاج، روشن گوپلاڻي، مڪيش تلوڪاڻي، پايل ڪرمچنداڻي، ڪاجل ڇابا ۽ سپنا رائسنگهاڻي.

## لعل 'لاچار' جي شاديءَ جي گولڊن جُبلي :

٢ فبروري ٢٠١٤ آرتوار ڏينهن 'چوليون - ٢٠١٣' جي رونمائيءَ جي موقعي تي برک اديب ۽ چوليون جي سمپادڪ شري لعل هوتچنداڻي 'لاچار' پنهنجي شاديءَ جي گولڊن جُبلي ملهائي. سنڌالاجيءَ جا اديب ۽ ساٿي اِن موقعي تي 'فن ۽ فوڊ' ۾ خاص ڪهي ويا. جوڙي کي مبارڪون ڏئي، شال پائي آئينده سکميہ جيون لاءِ شڀ ڪامنائون ڏنائون. لکمي کلاڻيءَ تقرير ۾ 'لاچار' صاحب جي ادب ۾ ڀرپور يوگدان خاص ڪري 'چوليون' مخزن جاري رکڻ ۾ هنجي جفاڪشين جو وستار سان ورڻن ڪندي کيس داد ڏنو.

## صوفي سنگيت جي شام :

٩ فبروري ٢٠١٤ آرتوار ڏينهن شام جو 'سنڌالاجي ۽ ڪڇ مهلا وڪاس سنگهٺن - ڀڄ' جي گڏيل سهڪار سان پرڀو درشن هال ۾ سنڌي صوفي سنگيت جي شام ملهائي وئي. شروعات ۾ ڪ.م.و.س. جي صدر پريتي ڀيڻ طرفان آجيان ۽ جوت جڳائڻ بعد صدق ڀائي ۽ ساٿين نوٻت وڄائي ماحول کي سنگيتميہ بڻائي ڇڏيو. ڪڇ جي ٻني ۽ ٻين اندرين علائقن مان آيل ڳوناڻن ڳائڻن موشا پارا، اسمائيل پارا، نورمحمد سوڍي، مستفعيل ۽ عثمان، مناخان ۽ مورا لالا شاه، سچل، بليشاه ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام، ڪافيون، وايون ۽ ڏوهيڙا پنهنجي نيج، بلند ۽ سوز ڀريي سُر ۾ نيج سنڌي سازن سُرندي، پاون، تنبوري وغيره تي ڳائي ٻڌندڙن کي مخمور ڪري ڇڏيو. پربا اَڍائي ڪلاڪ پريل هال ۾ درشڪ بلڪل شانت، صوفي سنگيت جو مزو ماڻيندا رهيا. پروگرام جي ڪارروائي صاحب ٻجاڻيءَ هلائي. فنڪارن جي واقفيت ۽ سندن ڪلامن / واٽُن جي وچور ڏيندي هن هميشه جيان وچ وچ ۾ تُز ۽ نهڪندڙ ڏوهيڙا ۽ شعر ٻڌائيندي ٻڌندڙن کي ٻڌي رکيو هو. آخر ۾ اُتڪننا ڀيڻ ۽ لکمي کلاڻيءَ شڪرگذاريءَ جي رسم ادا ڪئي.

## هريش واسواڻيءَ تي سمپوزيم :

١١ فبروري ٢٠١٤ منگل ڏينهن مرڪزي ساهت اڪادمي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ۽ سنڌالاجيءَ جي گڏيل سهڪار سان برک اديب سدا حيات هريش واسواڻيءَ جي ساهت ۽ شخصيت تي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ سمپوزيم رکيو ويو. هن سمپوزيم ۾ مڪاني اديبن کانسواءِ دهلي، اَجمير، احمدآباد، ٻڙودي ۽ ڀڄ جي اديبن شرڪت ڪري هريش واسواڻيءَ جي رچنا سنسار تي قدرشناسيءَ ڀريا عالماڻا مقالا پڙهيا. مقالا پڙهندڙ هئا ڪلا پرڪاش، امرت بوداڻي، واسديو موهي، ڪملا گوڪلاڻي، نامديو تاراچنداڻي، موهن همٿاڻي، ومي سدارنگاڻي، ڪيرتي ڪتري، هيرو ٺڪر، جينو لعلواڻي، صاحب ٻجاڻي ۽ هريش واسواڻيءَ جي سپتري شيفالي واسديو. مهورتي اجلاس ۾ ڪرشنا ڪمباهوني، رميش ورلياڻي، موتي پرڪاش، لکمي کلاڻي ۽ پريم پرڪاش پنهنجا ويچار پيش ڪيا. جدا جدا اجلاسن ۾ صدارت ڪئي هئي ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ارجن حاسد ۽ آسن واسواڻيءَ. آخر ۾ صاحب ٻجاڻيءَ سيني جا شڪرانا مڃيا.

## پرڀو درشن ۾ 'منڍي ڪير پائي؟' :

١٢ فبروري ٢٠١٤ گانڌيڌام ڏينهن تي پرڀو درشن هال ۾ سنڌي يُوا شڪتي سنستا طرفان سنگيت، نرت ۽ ناٽڪ جي رنگارنگي پروگرام ۾ سنڌالاجيءَ طرفان صاحب ٻجاڻيءَ جو لکيل ٻال ناٽڪ 'مُنڍي ڪير پائي ؟' سندس ئي هدايتڪاريءَ هيٺ ٻال ڪلاڪارن پيش ڪيو. اداڪار هئا تِوشا چيتناڻي، پرانجل واڌواڻي، جيسون چيتناڻي، پونم لعلواڻي، ٽيريسا چيتناڻي، نوين آسناڻي ۽ موهت تلوڪاڻي. درشڪ هنن ٻال ڪلاڪارن جي مُنهن مان صاف صحيح سنڌي اُچار ٻُڌي ۽ قابل اداڪاري ڏسي نهايت خوش ٿيا ۽ کين دل کولي خوب داد ڏنائون. هيءُ ناٽڪ وري آڪاشواڻي ڀڄ تان ٢٣ اَپريل تي پيش ڪيو ويو.

# سنڌالاجيءَ جون سرگرميون

## ٽرسٽ جي ميٽنگ :

ٽرسٽ جي ميٽنگ ۴ جنوري ۲۰۱۴ تي صبوح جو ۱۱ بجي سنڌالاجيءَ جي آفيس ۾ چيئرمن صاحب ڊاڪٽر رام ٻخشاڻيءَ جي زير صدارت ڪوٺائي وئي. شريمتي نرملا گجواڻي ٻين مشغولين سبب، ميٽنگ ۾ حاضر نہ ٿي سگهي. ٽرسٽ جي ۲۰ آگسٽ ۲۰۱۳ جي ميڙ جا منٽس پڙهي بحال ڪيا ويا. ۲۰۱۵ ۾ سنڌالاجيءَ جو سلور جبلي سال ملهائڻ جي رٿا تجويز ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌالاجيءَ لاءِ اڳتي جو خاڪو تيار ڪرڻ لاءِ ٻہ سب ڪاميٽيون، شري ڪمليش مورجاڻيءَ جي ڪنوينرشپ هيٺ، مقرر ڪيون ويون آهن.

## جنرل باڊي ميٽنگ :

سنڌالاجيءَ جي جنرل باڊيءَ جو ساليانو ميڙ ۴ جنوري ۲۰۱۴ تي شام جو پنجين بجي ٿيو جنهن جي صدارت ٽرسٽ جي چيئرمن ڊاڪٽر رام ٻخشاڻيءَ ڪئي. ميڙ ۾ ڪل ۳۴ ميمبر حاضر هئا ۽ ڪورم نہ هئڻ سبب ميٽنگ اڌ ڪلاڪ مهمل ڪرڻ کان پوءِ هلائي وئي. گذريل سال جي ميڙ جا منٽس پڙهي يڪراءِ بحال ڪيا ويا. سال ۲۰۱۲-۱۳ جي رپورٽ پڻ يڪراءِ بحال ڪئي وئي. آڊٽ ٿيل اڪائونٽ ۾ دير هئڻ سبب، ميڙ ۾ سال ۲۰۱۲-۱۳ جا اڻ چڪاسيل اڪائونٽ پڙهي ٻڌايا ويا. سال ۲۰۱۴-۱۵ لاءِ ميسرس هيرانندڻي ۽ ڪمپني، گانڌيڌام کي آڊٽر مقرر ڪرڻ جي رٿ يڪراءِ بحال ڪئي وئي. سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايل ڪتاب ۽ CDs جي وڪري جي سلسلي ۾ بہ فيصلو ڪيو ويو تہ پنهنجي لائيف ميمبرن کي رواجي طرح 50% لاٽ سان ڏنا وڃن پر مهانگن ڪتابن، جهڙوڪ ڊڪشنري وغيره تي، لاٽ صرف 20% ڏني وڃي.

## شاعر دوست واسديو نرمل سان گڏجاڻي :

۵ جنوري ۲۰۱۴ آرتوار ڏينهن شام جو ۶-۳۰ بجي ممبئيءَ مان آيل شاعر دوست واسديو نرمل سان خاص گڏجاڻي رکي وئي. اِن موقعي تي ڪافي مڪاني اَديب، ڪلاڪار ۽ ساهت پريمي حاضر رهيا. واسديو نرمل آديپور گانڌيڌام جي جوان پيڙهيءَ جي ساهتڪارن ۽ پنهنجن ناٽڪن جي اداڪارن سان گڏجي نهايت خوش ٿيو. ادبي ڪلاس جي ڪنوينر پشپا پميائيءَ کيس شال پهرائي سندس سنمان ڪيو. لکمي کلاڻي هنجي مختصر واقفيت ڏني. اُن بعد ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، پريتم ورياڻي ۽ لعل لاچار نرمل جي شاعري ۽ ناٽڪ جي کيتر ۾ پرپور يوگدان جو ذڪر ڪيو. آخر ۾ نرمل صاحب پنهنجا بہ غزل ٻڌائي حاضرين کي خوش ڪري ڇڏيو.

## ’اَهڙي شل ڪنهن سان نہ ٿئي‘ ۽ ’آخري خط‘ :

ساڳي شام جو نرمل سان گڏجاڻيءَ بعد سندس هڪ ناٽڪ ’اَهڙي شل ڪنهن سان نہ ٿئي‘ جي فلم ڏيکاري وئي. اِن بعد آشا چاند جي پروڊيوس ڪيل هڪ ٽيلي فلم ’آخري خط‘ بہ ڏيکاري وئي. آشا چاند پاڻ اِن موقعي تي حاضر هئي.

## رائپور ۾ هوگليءَ جي ڪناري :

۱۲ ۽ ۱۳ جنوري ۲۰۱۴ تي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان رائپور ۾ ايڪانڪي ناٽڪ اُتسو ٿي گذريو. سڀا جي نينڊ تي سنڌالاجيءَ پاران اُتي منگهارام ملڪاڻيءَ جو سنجيدو ناٽڪ ’هوگليءَ جي ڪناري‘ ۱۳ جنوريءَ تي اتاه خلق اڳيان مهيش کلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو. اداڪار هئا : چمپا چيتناڻي، مهيش کلواڻي، مڪيش تلوڪاڻي ۽ ڪومل ديالاڻي. ڇتيسگڙهہ سنڌي اڪادميءَ جي پرمک شري مرلي ماکيجا ڪلاڪارن کي داد ڏيندي چيو : اوهانجي جرئت کي شاباس آهي جو اوهان هيءُ گنڀير ناٽڪ هيڏي خلق اڳيان ڪاميابيءَ سان پيش ڪري آخر تائين ڏسندڙن جي رُچي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ويا.

## منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جو ساليانو ميڙ :

۱۹ جنوري ۲۰۱۴ آرتوار ڏينهن شام جو ۶-۳۰ بجي ڪلب جو ساليانو ميڙ ٿي گذريو. شروعات ۾ صاحب ٻجاڻيءَ سالياني رپورٽ پيش ڪندي ميمبرن کي ڪلب جي ڪارگذارين ۽ حساب ڪتاب کان واقف ڪيو. ڪليل ٻحث ۾ ٻال ڪلاڪارن جي ويجهڙائيءَ ۾ پيش ڪيل ٻال ناٽڪن ’برو نہ ڪريو‘ ۽ ’انڌير نگري چرٻٽ راجا‘ کي ميمبرن خوب ساراهيو. پرنسيپال نرملا آسناڻي ۽ للت واڌواڻيءَ ۲۱ ٻال ڪلاڪارن کي سوکڙيون ڏئي سندن حوصلہ اَفزائي ڪئي.

(پھرئين صفحي کان هلندڙ ....)

ٽنڊاڻيءَ جي ايئرڪنڊيشننگ جي ڪمپني بلو اِسٽار جي. بي. منگهارام جي بسڪوٽن جي فئڪٽري، منو چاٻڙيا جي ڊنلپ ۽ شا وٿليس، منسڪاٽين جي گئس ۽ تيل پائيپن جي 'مان' انڊسٽري، راما انڊسٽريز جي گئس سلينڊرن جو ڪارخانو، گاجرا گيئرس، اهڙن سون وڏن اُڏيوگن سان گڏ هزارن لگهو اُڏيوگن، ڪپڙو اُٺڻ جا آڏاڻا (هئنڊلومس)، سِرُن جا ٻنا، پٽرڪُٽڻ جا ڪرشر، سرڪاري غير سرڪاري ڪاتن جا سول انجنيرنگ پراجيڪٽس، رستا، پُليون، ريلوي لائينون وڇائڻ جا نيڪا، پاڻيءَ جا ڪئنال، ندين مٿان بند ٻڌڻ جا ڪم، وڏن شهرن ۾ آفيسن ۽ هوٽلن جون عمارتون وغيره.

البت ڀارت ۾ سنڌين جو وڏي ۾ وڏو شاندر ڪرشمائي ڪارنامو رهيو آهي آسمان ڇهندڙ عمارتن (اسڪاءِ اسڪرئپر) ۾ هزارن لکن جي تعداد ۾ فلئٽون جوڙائي، سنڌين سان گڏ هتان جي لوڪل مڊل ڪلاس طبقي کي ٻہ مٿي تي ڇت ميسر ڪري ڏيڻ، هن اسٽيٽ بلڊرس واري اُڏيوگ ۾ تہ سنڌين جي هڪ هٽي رهي آهي. آر جي. آڏواڻيءَ کان شروع ڪري رهيجا، هندوجا، عطر سنگتياڻي سون جي تعداد ۾ اڄ ٻيا ٻہ ناميارا بلڊرس ميدان ۾ لهي آيا آهن، جن پنهنجي معتبريءَ سان گراهڪن جو وشواس هٿ ڪيو آهي.

ڀارت جي آزاديءَ بعد سنڌين جو پاڻ کي وسائڻ لاءِ سڀ کان وڏو ساهس ۽ جانبازيءَ وارو عاليشان ڪارنامو رهيو آهي، ڪڇ جي رڻ پٽ ۾ 'نئين سنڌ' اڏڻ جو. ڀائي پرتاب ڏيئلداس جي برپا ڪيل سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن طرفان ڪڇ جي مهاراءُ کان پنڌرهن هزار زمين وٺي، جرمن ۽ ائميريڪي انجنيئرن جي مدد سان هت گانڌيڌام جو سهڻو شهر ۽ ڪنڊلا جو ميجر بندرگاهہ کڙو ڪري ڀارت جي ارٿ ويوسٿا کي هنن وڏو ٻل ڏنو آهي. موتي پرڪاش جي لکيل سنڌي تراني 'برپٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي - خاڪ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي' صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن هن شهر ۾ ڏهن ڪروڙن جي لاڳت جو وڏي ۾ وڏو 'سنڌو ڀون'، 'سنڌو باغ'، 'ساڌ ٻيلو' کڙو ڪري شهر کي گلزار بڻائي ڇڏيو آهي. سنڌي ساهت، سنسڪرتي ۽ سڀاڻپ جي بچاوَ لاءِ هت اسٿاپت ٿيل سنڌالاجي گذريل پنجويهن سالن کان ان ڏس ۾ شاندار ڪاريہ ڪيو آهي. هاڻي هن ڪڇ علائقي ۾ ئي سنڌو ساگر جي تٽ تي، نارائڻسر ۽ لکپت بندروٽ جتي سنڌو ندي چوڙ ڪندي هئي، پرڌان منتري نريندر موديءَ طرفان الاٽ ڪيل ٻاهتر ايڪڙ زمين تي ڏيڍ سو ڪروڙ جي لاڳت واري شري جهولي لعل تيرٿ ڌام جي اڏاوت جي تياري هلي رهي آهي. ڪڇ جي ڪليڪٽر وٽ ٽرسٽ طرفان ٻہ ڪروڙ پنجٽيهہ لک گهربل زمين جي قيمت عيوض جمع ڪيا ويا آهن. هيرن جواهرن جي تجارت ڪندڙ نامڪنيو اُڏيوگپتي دليپ لکي هن ٽرسٽ جو چيئرمن آهن. سنڌين جو پنهنجي ٻل بوتي تي بڻايل هيءُ جهولي‌لعل تيرٿ ڌام پنجون ڌام بڻجي ويندو. جنهن جي تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ دنيا جا هزارين لکين سنڌي سئلاني هت هر سال اَچي اَکو پائيندا، ڀاراٽا ڪيندا. پروفيسر رام پنجواڻيءَ سنڌين جي اشٽ ديو جهولي لعل کي سنسار جي هر سنڌيءَ جي گهر پهچائي هن ديوتا کي سنڌي سڀاڻپ سان جوڙي ڇڏيو آهي.

ڀارت جي شاندار ترقيءَ ۾ سنڌين اسڪول، ڪاليج ۽ ٻيا ادارا برپا ڪري تعليمي کيتر ۾ وڏو يوگدان ڏنو آهي. پرنسيپال ڪندناڻي ۽ بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ جي ڪوشش سان حيدرآباد ڪاليجيئٽ بورڊ بمبئي، اُلهاسنگر ۾ اٺاويهہ اسڪول، ڪاليج برپا ڪيا آهن.جن ۾ سنڌين سان گڏ هزارين لوڪل شاگرد ٻہ هر سال علم حاصل ڪري لائقيءَ لڳن ٿا. ساڳي طرح آديپور- گانڌيڌام (ڪڇ) علائقي ۾ ٻہ ڪاڪا پرڀداس تولاڻيءَ جي 'تولاڻي وديا مندر' ۾ ۴۴ ايڪڙن جي يونيورسٽي ڪئمپس ۾ جدا جدا ڏهن ٻارهن ڪاليجن ۾ اٺ هزار شاگرد ۽ 'گانڌيڌام مئتري منڊل' جي اسٿاپت ڪيل اسڪولن ڪاليجن ۾ پنج هزار شاگرد شڪشا حاصل ڪن ٿا.

بمبئي، اُلهاسنگر، گانڌيڌام بعد پوني جو شهر سنڌين طرفان کڙو ڪيل تعليم جو وڏو مرڪز آهي. ساڌو واسواڻي مشن طرفان هت ڪيئي اسڪول ڪاليج کوليا ويا آهن. تعليم سان گڏ سنڌين جي هيلٿ ڪيئر جي ميڊيڪل فيلڊ ۾ وڏي حصيداري رهي آهي. بمبئيءَ ۾ اسٿاپت ٿيل جسلوڪ اسپتال ۽ ان سان گڏ هندوجا، رهيجا، واٽومل جون اسپتالون، پوني ۾ ٻڌراڻي انلئڪ اسپتال، انڊور ۾ ٿي چوئٿرام اسپتال، مائونٽ آبوءَ ۾ واٽومل فائونڊيشن طرفان اڏايل ميڊيڪل ڪاليج، اسپتال ۽ ريسرچ سينٽر- اهڙيون گهڻيئي اسپتالون سنڌورقي دانوين جي مدد سان هر شهر ۾ اسٿاپت ڪري سنڌين عام لوڪن جو ڀلو ڪيو آهي. پوني جي ساڌو واسواڻي مشن، مائونٽ ابو جي برهم ڪماري سنسٿا، بئراڳڙه (ڀوپال) ۾ سنت هردارام جي نگرانيءَ ۾ کوليل ۽ اُلهاسنگر ۾ سوامي ٽيئون رام پريم پرڪاش آشرم طرفان کوليل اسڪول ۽ اسپتالون، سنڌين جي پرمارٿي هئڻ جو ثبوت ڏين ٿيون. سنڌي ڀارت ۾ شرڻارٿي بڻجي آيا. پنهنجي اُدم سان پرشارٿي بڻيا ۽ اڄ اجا اُنتي ڪري پرمارٿي بڻجي ويا آهن.

گذريل هزارن سالن کان سنڌورقين پنهنجا ٻيڙا مال سان پرائي ڏيساور ۾ وڃي وڻج واپار ڪيو آهي. اوير ۾ جاوا، سماترا، تہ اولهہ ۾ تاشقند، بخارا مان ڪمائي سنڌ ۽ هند کي مالا مال پي ڪيو آهي. اڄ ٻہ دبئيءَ جا دلدار سنڌي، ڀائي مورج، رام بخشاڻي، لڇمڻداس پاگراڻي، واشو شراف ۽ سندس وڏي ڀاءُ وڪيومل شراف هر سڪرت جي ڪاريہ ۾ پي هٿ وڌايو آهي. ساڳي طرح هانگ ڪانگ جي هريليلا ڀائرن لنڊن جي هندوجا ڀائرن، هونو لُلو (هوائي) جي واٽومل ڪمپنيءَ جي ڀائرن تہ جاپان جي ڪمليش پنجابي (جاپاني نالو ريوڪو هيرا)، ويسٽ ائفريڪا جي سنيل واسواڻي، سنڌين ۽ غير سنڌين جي شيوا ڪارين ۾ پنهنجو تن من ڌن اَرپڻ ڪيو آهي.

بحرحال اڄ سنڌي جاتيءَ لاءِ سڀ کان وڏي للڪار آهي پنهنجي وڏڙن جي ورثي کي بچائي پنهنجي مايہ ناز سڀاڻپ کي ايندڙ پيڙهين لاءِ محفوظ رکڻ. هر شهر ۾ 'سنڌو ڀون' اڏائي، سنڌي ٻولي، ساهت، سنگيت، ناٽڪ، نرتيہ کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ پنهنجي حصيداري نباهڻ. آديپور- گانڌيڌام ۾ برپا ٿيل ڀارتي سنڌو ودياپيٺ (سنڌالاجي) ان ڏس ۾ سيني کي پورن ساٿ سهڪار ڏيندي.

# سِنڌالاجي

( اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ٽماهي بليٽن)

پوسٽ باڪس ١٠، آديپور، ڪڇ - ٣٧٠٢٠٥

Registered with Registrar of News papers for India No - GUJBIL/2002/8038



P.O.Box 10, Adipur (Kutch) 370 205, Phone: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org & sindlogy@yahoo.com website : www.sindhology.org



ايڊيٽر : لکمي کلاڻي    ١٠ سالن لاءِ چندو : ٢٥٠    جنوري - مارچ - جون ٢٠١٤ سال : ١٣ انڪ : ٤٨، ٤٩


## سنڌي جاتي ڪاميابيءَ جي شاهراهه تي

## (Celebrating the Success of Sindhi Community)

ڀارت جي ورهاڱي بعد سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌڪاڻجي اُکهاڙجي پيرين ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻين ڌارين ديسن ۾ اچي لٿي اجهي جي فڪر ۾ ٿڙي پکڙجي ويا. نڌڻڪي ٿي ويل هن جاتيءَ جي حالت قياس جوڳي هئي. سنڌن مٿي تي نه ڇت هئي، نه بک ۾ ٻاهه ٿيندڙ ٻچڙن لاءِ روٽيءَ ٽڪر. روزگار جي تلاش ۾ هو شهر شهر ڀٽڪندا رهيا. اهڙين ڏکين حالتن ۾ به سنڌين ڪنهن جي اڳيان ٻيک پنڻ لاءِ هٿ نه ڦهلايو. پنهنجو حوصلو بلند رکي هي محنتڪش سنڌي، پاڻ کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڪم ڪي جُنبي ويا. پنهنجو سؤ ايمان قائم رکڻ لاءِ ڪو به هٿ جو پورهيو هنن لاءِ هيچ نه رهيو. سامان ڍوئڻ واري مزوري ڪيائون، ٽانگا هلايائون، عورتن گهر ۾ ڪچا پاپڙ ڪچريون تيار ڪري گهر گهر وڪيا. ٻارن بمبئيءَ جي لوڪل گاڏين ۾ ڪٽمنڙا ۽ ڦٺوتا وڪيا. شهر جي فوٽ پاٿن تي چادر وڇائي يا ڪڇيون پڙيون اڏي، صابڻ، ڪنڊ، گهر جو ٻيو سامان ٻڌي اگهه ۾ خريد ڪري، ساڳي اگهه تي ريزڪيءَ ۾ وڪيائون. ٿورو ڪٽيو، گهڻي برڪت، سنڌن وڏڙن جو ڏنل مول منتر ڪين چڱيءَ طرح ياد هو. سنڌين جو هيءُ ساهس، محنت، لگن ۽ اُورچائي ڏسي مڪاني ماڻهو به ڪين داد ڏيڻ لڳا. ذات پات ڇوٽا ڇوُت، اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ کان آجي، عورتن جي عزت ڪندڙ، ڌرمي ڪٽرپڻي کان مُڪت، سؤ سيڪڙو ساڪشر 'تون به رهه - مان به رهان' جو سبق سيکاريندڙ هن صلح پسند مهذب جاتيءَ جي فردن لوڪل ماڻهن سان ڪيرڪنڊ ٿي سنڌن دلين ۾ پنهنجي جاءِ جلد جوڙي ورتي.

ڏسندي ڏسندي، ڌنڌي واپار ۾ ڪُشل Enterprising هُن سنڌي قوم سون هزان جي تعداد ۾ ڌنڌا، اُديوگ، ڪارخانا برپا ڪري نه رڳو پاڻ لاءِ، بلڪ هزارن لکن لوڪل ماڻهن لاءِ به روزگار جا وسيلا ميسر ڪري ڏنا. هندوجا ڀائرن جي هيوي ويهيڪلس جي فئڪٽري، اشوڪ ليلئنڊ، پرهلاد ڇابڙيا جي بجليءَ جي ڪيبلس ۽ پلاسٽڪ پائيپن جي فئڪٽري فينوليڪس،




Sindhu Bhavan - Gandhidham (Kutch)



Shri Jhulelal Tirthdham - Narayan Sarovar (Kutch)